**خاوند ڏنولاڙڪ**
**ٽيچنگ اسسٽنٽ، سنڌي شعبو،**
**شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور**

# صوفي فقير سيد مهدي شاهه جهانيان جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو نظريو

# The Element of Wahdat-ul-Wajood in the poetry of Sufi Fakir Syed Mehdi Shah Jahanian

**Abstract:**

Sindh being a culturally rich province has been a land of poetic beauty and creative art since times immemorial. Shah Latif, Sachal Sarmast, Sami, Bedil Sain, Shaikh Ayaz, Tajal Bewas and like these others are known as genuine artists. Among the giant poets of Sindhi Language mystic poet and saint Syed Mehdi Shah occupies a great importance in the mystic poetry of Sindh. He acquired Sindhi, Arabic and Persian education from his village. He is the first poet of Shahpur Jahaniyan order whose verses are replete with the spirit of mysticism and philosophical tendencies of Wahdat-ul-Wajood. The poet was not only expert in the field of music but also an outstanding poet of Kafi, a genre of Sindhi Literature. His poetry appeared first time in the collective collection brought out in 1972 in the book titled "Jahaniyan Khandan". The book carried 14 Sindhi and one Siraiki kafis of Fakir Mehdi Shah. This research paper aims at exploring diverse elements of Wahdat-ul-Wajood in his poetry published in various books.

سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترائي ڪامل انسان پيدا ٿيا. جن فڪر وسيلي انسان ذات تائين حق، سچ، امن ۽ پيار جو پيغام پهچايو آهي. اهڙن املهه انسانن ۾ سيد مهدي شاهه جو نالو پڻ نمايان آهي، سندن پورو نالو سيد غلام مهدي شاهه بن سيد امام بخش شاهه جهانيان هو پاڻ 1870ع تي تعلقو مورو جي شهر شاهپور جهانيان ۾ جنم ورتائون سندن وفات 2 آڪٽوبر 1969ع تي ٿي. سندن مزار شاهپور جهانيان ۾ واقع آهي. جهانيان سيد اصل ۾ بخاري سيدن جي شاخ آهي، هن وقت جهانيان سيد سنڌ جي مختلف ضلعن حيدرآباد، نوابشاهه ۽ خيرپور ۾ آباد آهن.ناميارو محقق ويسو مل جهانيان خاندان لاءِ لکي ٿو:-

"سيد جهانيان شاخ جو بنياد شاهپور جهانيان تعلقي موري ۾ مخدوم جهانيان جهان گشت جي اولاد مان سيد حامد شاهه عرف شاهه مراد 1521ع ۾ وڌو. جهانيان خاندان اهل الله مردن ۽ صاحبِ دل وارن جو آهي. فقير سيرت ۽ فقير صورت وارن سان پريل رهندو آيو آهي، منڍ کان وٺي يعني حضرت جلال الدين سُرخ پوش بخاريءَ کان وٺي سائين غلام مهدي شاهه جن تائين ڏسبو تہ مرد مولا پشت بہ پشت ٿيندا ٿا اچن". (1)

صوفي فقير مهدي شاهه ننڍ پڻ کان ئي حليم طبيعت جا مالڪ هئا، پاڻ سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڳوٺ مدد علي وگڻ جي مدرسي مان حاصل ڪيائون. پاڻ جڏهن اجان ٻاراڻي عمر ۾ هئا ته ٻهريون دفعو پنهنجي والد صاحب سان گڏجي ٽنڊو جهانيان حيدرآباد جي صوفي بزرگ شاعر سيد قطب علي شاهه جهانيان وٽ گهمڻ ويا. اُن وقت سيد مهدي شاهه کي ڏسي صوفي سيد قطب علي جهانيان جن فرمايو:

"نينگر وڏي مٽيا وارو آهي" (2)

صوفي فقير مهدي شاهه جهانيان جڏهن جوانيءَ کي رسيا ته سندن ذهني لاڙو تصوف ڏانهن ٿيو. روحاني فيض پنهنجي والد بزرگ کان ورتائون سندن دست بيعت طالب ٿيا. صوفي فڪر جي ڦرهي پڙهي توڪل جو تُرهو ٻڌي فقيري اختيار ڪيائون، سندن خانداني ۽ روحاني شجروسيد جلال الدين سُرخ پوش بخاريءَ کان حضرت علي عليہ سلام جن تائين پهچي ٿو. سيد مهدي شاهه جهانيان هڪ سچو صوفي سالڪ ۽ اعلٰي شخصيت جو مالڪ هو. صوفي فقير مهدي شاهه جهانيان جي شخصيت لاءِ ناميارو محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"شاهپور جهانيان جي ساداتن مان وڏي توڪل ۽ صبُر وارو درويش هو، گيڙو جامو ڍڪيائين لڙڪا پاتائين ۽ پنهنجن طالبن جو ٽولو پيدا ڪيائين ۽ موج مستيءَ واري منڊلي مچايائين محمد فقير کٽياڻ ۽ مهدي شاهه پاڻ ۾ ملاقي ۽ محبتي هئا" (3)

صوفي فقير مهدي شاهه جهانيان وٽ راڳ جي تمام گهڻي اهميت هئي پاڻ راڳ جا ڄاڻو هئا ڳائيندا وڄائيندا هئا سندن پيرن ۾ ڇيريون پاتل هونديو هيون ايتري قدر جو جڏهن مٿن راڳ جو وجد طاري ٿيندو هو ته موج بهاريءَ ۾ اچي نچندا هئا. صوفي فقير مهدي شاهه جو ڪلام سڀ کان پهريان 1972ع ۾ جهانيان خاندان جي گڏيل شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب "جهانيان خاندان" ۾ ڇپيو، جنهن ۾ سندن 14 سنڌي ڪافيون ۽ هڪ سرائيڪي ڪافي شامل آهي. ان کان پوءِ 1999ع ۾ ڪتاب "مهدي مٽيادار" ڇپيو جنهن ۾ سندن 3 سنڌي بيت ۽ 68 ڪافيون ملن ٿيون. بعد ۾ "مهدي ٿيو مهندار" ڪتاب 2009ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ سندن سوانح حيات سان گڏ 56 ڪافيون شامل آهن. آخر ۾ "سيئي پڳيون سين حدون" 2010ع ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ سندن 54 ڪافيون تشريح سان ڏنل آهن. هن ئي ڪتاب مان وحدت الوجودي فڪر جي روشنيءَ ۾ سندن ڪلام جو نمونو هن مقالي ۾ هيٺ پيش ڪندا سين.

فقير سيد مهدي شاهه ڪافيءَ جو باڪمال شاعر هو سندس سيئي ڪافيون عشق، محبت، نصيحت تصوف جي رمزن ۽ وحدت الوجودي فڪر سان ٽمٽار آهن. وحدت الوجود جي نظريي جو باني محي الدين ابن عربي هو. ساڳئي تسلسل ۾ سنڌ جا ڪيترائي صوفي بزرگ، شاعر قاضي قادن کان شاهه ڪريم، شاهه لطيف کان سچل

سرمست ۽ بيدل فقير کان صوفي فقير مهدي شاهه تائين سندس نظريي جي فڪري گهرائين مان ڏک پريندي اڳتي وڌندا نظر اچن ٿا. وحدت الوجود جي نظريي مطابق:

"ڪائنات جي مخلوق، عين صفات باري ۽ صفات نالو آهي ذات باريءَ جي تجليات جو تنهن ڪري خالق ۽ مخلوق بنيادي اعتبار سان هڪ شيءِ آهن ۽ اول، آخر هڪ ٿي ويندا آهن" (4).

ڪائنات ۽ خدا هڪ آهي، ڪائنات ۾ ڪثرت جا جيڪي به رنگ نظر اچن ٿا، اهي هڪ ذات وحدت مان ئي وجود ۾ آيا آهن. صوفي فقير سيد مهدي شاهه پنهنجي فڪر وسيلي تصوف جون اهڙيون سمجهاڻيون ڏنيون آهن جو پاڻ وحدت جي واديءَ ۾ ٻيائيءَ کي ٻوڙي معرفت جا موتي ميڙي هر سان هڪ هڪاڻ ٿي وحدت الوجود جي نظريي تي پورو نظر اچن ٿا سندس ڪلام ۾ اهڙو اظهار پڻ ملي ٿو:

پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس، پنهنجو آهيان پاڻ
ڪير آهين ڪنهن کي تو ڳولين، سڀ ڪجهه تو سان ساڻ
منصور واري مامَ تي مُحڪم، ڪوهُ ڪيون ڪنهجي ڪاڻِ
مظهر ۾ ٿي آيس "مهدي" هر سان هڪ هڪاڻ

(سيئي پڳيون سين حدون: ڪافي نمبر 18). (5)

آهين پاڻ الله، ڇڏ نڳيءَ جا ناهَ
ذات صفات سموري تنهنجي، رک نوري نظر نگاهه
الاالله واري ڪر اثباتي ويسهه وجهه الله
ميمَ جو مولهيو اتئي متي تي، قائم قرب ڪلاهه
وچ درياهه وحدت جي، "مهدي" ٿيو آ ملاح

(ڪافي نمبر 31: ص: 96)

صوفين وٽ ٻيائي، نفرت، ڪوڙ، وڏائي آهي ئي ڪونه. انهن رڳو محبت پائي من ۾ رندا روڙيا آهن. ڇا ڪاڻ ته وحدت امن، پيار، محبت، پائيچاري ۽ هيڪڙائيءَ جو رستو آهي، ان رستي تي هلندي صوفي الله جي خوشنودي حاصل ڪن ٿا. ڪين هر جاءِ تي الله ڪانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ نظر نه ٿي اچي. شاهه لطيف سُر ڪلياڻ ۾ فرمائي ٿو:

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪڙس ڳڙ ڪيون
جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

(داستان پهريون، بيت نمبر 15). (6)

صوفي فقير سيد مهدي شاهه جهانيان ساڳي ئي تسلسل ۾ اهڙن خيالن جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

انهيءَ منهنجي ڳالهه سچيءَ تي، اوهان ڪيو ويساهه
اندر باهر، باطن ظاهر، آهي پاڻ الله
جيڏانهن ڪيڏانهن آهي اهو ئي، قول ڪلام الله
(ڪافي نمبر 36: ص: 110)

جيڪي آهي هتِ، هُتِ چا هوندو
هتان ڪٺي اڳتي، الئي چا هلندو
هِت هُت الله بي ڪانهي ڪا واهه
صبر جهڙي صلاح انهيءَ راهه رسندو
جن ڏٺو هِتِ، تن ڪي جتِ ڪِٿِ
وچئون ناهي وٿ، هِڪو هڪ هوندو
(ڪافي نمبر 41: ص: 22)

اڪثر وحدت الوجودي صوفي شاعرن پنهنجي فڪر وسيلي انسان ذات کي پاڻ سڃاڻڻ جي باربار تلقين ڪئي آهي.

"جيستائين پنهنجي ذات جي نفي نہ ڪئي ويندي تيستائين پاڻ سڃاڻي نہ سگهبو، يعني پاڻ وڃائڻ سان ئي پنهنجو پاڻ ڳولي لهبو ۽ ان ڪان پوءِ ئي معرفت الاهي حاصل ٿيندي" (7)

پاڻ سڃاڻڻ اوکو آهي پر نا ممڪن ناهي. اها حقيقت آهي تہ خود شناسيءَ مان ئي خدا شناسي ٿئي ٿي ان لاءِ پنهنجي ذات جي نفي ضروري آهي. ان فڪر جي روشنيءَ ۾ صوفي فقير مهدي شاهه جهانيان چوي ٿو:

پنهنجو پاڻ سڃاڻين حق ڄاڻين، تون تہ سارو سبحان آن
سارو سبحان آن، ٻيو نہ گمان آن
الا نسان سِرِي وَاَنا سره، اُن تي اعتبار آڻين
وفي انفسڪم واري فرمودي، رمز رهبر جي رهاڻين
حال همہ ۾ هجڄان هر دم، ٻي ڪل ڪوڙ ڪهاڻي
حال حلاجي حڪم هلائي، موج مهَدي جي ماڻين
(ڪافي نمبر 46: ص:134 )

آهيان عبديت جي اولي، ڳجهي ڳالهہ لڌم ڳُجھ ڳولي
احديت آ اقرار اسانجو، قالو بلىٰ واري قولي
پاڻ سڃاتم پاڻ کي جاتم ٻولڻ وارو تو ٻولي
صحيح سڃاتم ثابت سرڪي پل پڇي سپ پولي
(ڪافي نمبر 16: ص: 54)

پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي رب کي سڃاڻڻ لاءِ سينو صاف ۽ دل پاڪ هئڻ ضروري آهي. اندر مان مون،مان، انا ۽ خوديءَ جهڙن خيالن کي ختم ڪرڻو پوي ٿو. ڇا ڪاڻ ته دل مان حرص لالچ ۽ اجايو نفساني حوس ۽ خواهشن کي ترڪ ڪرڻ کان پوءِ ئي بندي جي تن من ۾ هُو ۽ تون ئي تون جي تنوار پيدا ٿئي ٿي ۽ ذات الاهيءَ جو جلوو پسجي ٿو ۽ بندو دم دم ۾ ديدار ڪري ٿوپوءِ خدا ۽ بندي ۾ فرق باقي نه ٿو رهي، اهڙن خيالن جو اظهار صوفي فقير مهدي شاهه هن بيت ۽ ڪافيءَ ۾ پڻ ملي ٿو:-

ياد جنين کي يار سي ياد هميشه يار کي
"فاذڪروني اذڪرڪم" قول الستي پار
وهم ٻيا وسار "مهديءَ" جي ميخان ۾
(مهدي مٽيادار، بيت نمبر 2) (8)

مون ته منهنجو قوت، طلب ته ٻئي ڪنهن طعام جي ناهي
مون مڄائي مات ڪئي سين، نظر رکي ناسوت
مون ماري ٿياسي ماهر، هڪل هڪ هاهوت
مو ن ماريي مان هٿ ڇا آيئي ملڪ مليو ملڪوت
مظهر ۾ آهي "مهدي" ماهر، لنگهي ويو لاهوت
(ڪافي نمبر 13: ص: 41)

ناسوت، هاهوت، ملڪوت، لاهوت اهي سڀ منزلون آهن جيڪي وحدت الوجودي صوفي پنهنجي عبادت ۽ رياضت سان طئي ڪندي وحدت، ڪثرت ڪل تائين پهچن ٿا. جنهن لاءِ

شاهه لطيف سُر ڪلياڻ ۾ فرمائي ٿو:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، وائي ٻي مَ پل
هو هُلاچو هُل، باالله سندو سڄڻين
(داستان پهريون، بيت نمبر 11). (9)

صوفين وٽ عشق عبادت آهي ان جذبي جي جنونيت مجاز کان حقيقت تائين رسائي ٿي، صوفين مجازي عشق کي حقيقي عشق جي ڏاڪڻ سڏيو آهي:-
"ڪائنات جي هر شيءِ خدا جي وجود جو حصو آهي. ذات حقيقيءَ کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ عشق ضروري آهي حق تائين پهچڻ لاءِ ظاهري علم ناقص آهي" (10).

خدا جو وجود هن ڪائنات کان ٻاهر نه آهي الله پنهنجي ذات کي انسان جي مظهر ۾ سمايو آهي "خلق الادم علٰي صورته" يعني بيشڪ آدم کي الله پنهنجي

صورت تي پيدا ڪيو. صوفي فقير سيد مهدي شاهه جي ڪلام ۾ پڻ اهڙا ويچار غور طلب آهن. جو هو صورت جو سير ڪندي ميم مورت تي موهت ٿئي ٿو، اهائي سندس حقيقي عشق جي منزل آهي. فرمائي ٿو:

صورت سر ڪي سوءُ سوءُ سجدو، ڪهڙو اسان جو ڪعبي ڪم
صورت صاف سڄاتم سهڻي، ميم ملي آ مورت مهڻي
درشن آهي دائم دم
تن طواف ڪرڻ ٿا طالب، وحدت وردُ وُجودي واجبَ
اوري اندر ۾ الف اسمُ
ڪعبہ قدسي آهي اندر ۾، صحيح سُڃاتمُ ثآبتُ سِر ۾
عشق الاهي آهي عزمُ
عشق امامُ مهدي تي آيو، هُو جو هوڪو هُل هُلايو
غازن ڪي وري ڪهڙو غم
(ڪافي نمبر38: ص: 115)

وحدت الوجود جي اپٽار سان گڏ صوفي فقير مهدي شاهه جي ڪلام ۾ حسن، عشق ۽ هجر، فراق جو بيان پڻ پر اثر ملي ٿو. عشق اُها طاقت آهي جيڪا ادنٰي کي اعلٰي مقام تائين پهچائي ٿو، عشق قرباني گهري ٿو، سِر جو سانگو لاهي عشق جي ميدان ۾ اچڻو آهي، عشق سراپا سور آهي عشق جون اذيتناڪ ڪيفيتون آهن ڪيترا ئي الٽ اشارا آهن ان هوندي بہ صوفي فقير مهدي شاهه جهانيان عشق جو درد فراق ڪرب ۽ ورلاب پار ڪندي عاشقاڻو اظهار ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪلام ۾ عشق جي آجيان ڪندي نظر اچي ٿو، سندس ڪافين جا مختلف بند هيٺ ڏجن ٿا.

آيو عشق مولا لکين لائق پانيان
سبب ڪهڙي سرتيون، لوڪ ڪان لڪايان
(ڪافي نمبر 52: ص: 147)

عشق الاهي ڪيو احسان، ڪونہ پڙهيوسين ڪلمو قرآن
الااِلهَ وارا لاڳايا، الاّ الله واري آهيون ايوان
(ڪافي نمبر 51 : ص: 144).

سانگو سر جو لاهه پلي پوءِ، عشق کي هٿرو لاءِ
اول لاهج سِر جو سانگو، گوڙ گلا جو پائج گهانگهو
ڪُڏي ڪُڏي، ڪَنڌ ڪپاءِ
(ڪافي نمبر8 : ص: 21)

عشق الله ريءَ عمر اجائي، ويهي وقت وڃايئي هٿ ڇا آيئي
(ڪافي نمبر 53: ص: 152)

صوفين وٽ عشق کان سواءِ زندگيءَ جو تصور ڪوڪلو آهي وٽن عشق هادي، امام ۽ رهبر آهي جنهن رستي عشق ۾ پڇي راس ٿيڻ کان پوءِ صوفي ان منزل تائين پهچي ٿو جيڪا صوفين جي عملي واٽ آهي. نفيءَ ۾ پنهنجي ذات فنا ڪري اثبات ۾ پنهنجو پاڻ سڃاڻي ٿو جيڪو وحدت الوجود جو اهم نقطو آهي. صوفي فقير مهدي شاهه به ان واٽ جو پانڌيئڙو آهي جيڪو نفي ۽ اثبات، فنا ۽ بقا جو سير ڪندي چوي ٿو:

فنا بقا جو سير ڪيو سين، لاشڪ ٿي لاثاني گوهر گياني
اصلي ذات الاهي آهين، اولو اتئي انسان
ستين عرش عظيم کان اڳتي، عاشق ٿيو آشياني
چوڏهن ئي طبق تماشو تنهنجو تون آن شاهه شاهاني
مظهر ۾ ٿي آيس "مهدي"، صوفي صاف سيلاني
(ڪافي نمبر 21 : ص: 69)

صوفي فقير مهدي شاهه جهانيان جو ڪلام شاهه سائين، سچل سائين ۽ بيدل سائين جو فڪري تسلسل آهي سندس ڪلام مان سچل جي سرمستي ۽ بيدل جي بيباڪي جي خوشبو اچي ٿي، سندس آفاقي ڪلام ۾ وحدت الوجودي فڪر هڪ طرف الله ۽ بندي جي تعلق کي پاڻ ۾ ڳنڍي انسانيت ۽ خدا جي وحدانيت کي سمجهڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو ته ٻئي طرف عام ماڻهن ۾ امن، پيار، محبت، ايڪي ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ جو وسيلو آهي.

**حوالا:**


1. مٽائي وي جي، جهانيان خاندان، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2003ع ص: 12، 13.
2. ايضاءِ ص: 240.
3. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ڪافيون، جلد ٽيون، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ 1990ع
ص: 1167.
4. انصاري، عثمان علي، رسالو سچل سرمست، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن1997ع ص: 38.

5. جهانيان، فقير سمر علي، سيئي پڳيون سين حدون، سوڀوديرو: هادي مهدي اڪيڊمي 2010ع ص: 6.
6. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهه جو رسالو، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن2009ع ص: 54.
7. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد ڊاڪٽر، سچل جو پيغام، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي2008ع ص: 71.
8. گوهر، غوث محمد، مهدي مٽياندار، ڪوٽڙي: الڪبير اڪيڊمي1999ع ص: 71.
9. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهه جو رسالو، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن2009ع ص: 10.
10. ميمڻ، پروين موسيٰ، سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن 2004ع ص: 106.